# 3 اَڳتي هلو

شاعر پرسرام هيرانند ضيا جو ڪارگر يوگدان نہ صرف درسي ڪتابن ۾ پر ريڊيو ۽ فلمن ۾ بہ مقبول آهي. ’باغ بهار‘، آلاپ ضيا“ جا مشهور ڪتاب آهن. ڪيترن ئي ڳايڪن ضيا صاحب جو ڪلام ڳايو آهي. هن ڪويتا ۾ اَڳيان قدم وڌائڻ لاءِ ڪن ڳالهين ڪي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، بخوبيءَ سان سمجهايو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



هر قدم تي هڪ نئون گلشن بڻائيندا هلو.
بربٽن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو.

پيار جئن جاڳي اُٿي، جاڳي اُٿي اِنسانيت،
ايڪتا جا جابجا نعرا لڳائيندا هلو.

ڏاڍو ڏاڍو ڏار ٿيو، مالها محبت جي ٽٽي،
هڪ ئي ڌاڳي ۾ پوئي ڏاڍا ملائيندا هلو.

قافلو هلندو رهي اوندهہ جو ڪوئي غم نہ آ،
شوق ۽ همٿ جي مشعل کي جلائيندا هلو.

جي رکو ٿا چاهہ گل سان، قرب ڪنڊن سان رکو،
خير پنهنجي باغ ساري جو منائيندا هلو.

ڪرم ئي سنسار ۾ قسمت جو بڻجي روپ ٿو،
ڪرم سان تقدير جي سوڀيا وڌائيندا هلو.

سڀ ملي سِرَ سِرَ ڪٺي، ٿاهيو حياتيءَ جو محل،
جت پُٽا پوُنگا، اُتي بنگلا بڻائيندا هلو.

بر ۾ بازاريون لڳن ۽ ساوڪون سُڃ ۾ ٿين،
جهنگلن ۾ اي ”ضيا“ منگل منائيندا هلو.

## نوان لفظ

خير - ڀلائي
سُڃ - ويراني
پُٽا پونگا - جهوپڙيون

سوڀيا - سونهن
قرب - پيار
جا بجا - هر جڳهہ

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) اِنسانيت ڪٿي جاڳي اُٿي ٿي؟
٢) اَسانکي ڪهڙي مشعل جلائڻ گهرجي؟
٣) همت بابت شاعر جا ڇيو آهي؟
۴) ڪرم سان ڇا ٿئي ٿو؟

**سوال.٢. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) قافلو هلندو رهي ................. جو ڪوئي غم نہ آ.
٢) خير پنهنجي ................. ساري جو مناڻيندا هلو.
٣) بر ۾ بازارين لڳن ۽ ساوڪون ................. ۾ ٿين.
۴) جي رکو ٿا چاهہ گل سان، قرب ................. سان رکو.

**سوال.٣. بيت مان بہ هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.**


مثال : جلائيندا - مناڻيندا

# پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم**

جي رکو ٿا چاهہ ..................... منگل مناڻيندا هلو.

**١) اُڀتڙ مطلب وارا لفظ ڳولهي گول ۾ جواب لکو.**




**٣) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | بر ۾ | (i) | سوپيا وڌائيندا هلو |
| (2) | قرب | (ii) | ٻٽائيندا هلو |
| (3) | تقدير جي | (iii) | ڪنڊن سان رکو |
| (4) | اُتي بنگلا | (iv) | بازارين لڳن |

**۴) ڏنل مثال موجب لفظ ڳولهيو.**

**مثال :- گُل سان**

(الف) ..................... سان (ب) ..................... سان